هفتيوار رسالو

اميرِ اهلسنت جو تقريباً 36 سال پهريان جو بيان

# عقلمندي



- هڪ پيرسن عورت جي دردناڪ حالت
- ڪاميابي، جو راز
- نوجوان ڊاڪٽر جي وفات
- اهم مسئلو


شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت، دعوتِ اسلامي جو باني، حضرت علامه مولانا ابو بلال

محمد الياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰہ جيڪو ڪجهہ پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰھُمَّ افْتَحْ عَلَیْنَا حِکْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَیْنَا رَحْمَتَكَ یَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِکْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفکر بيروت)



طالب غم مدينہ بقيع و مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: عقلمند پيءُ
ڇاپو پهريون:
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهہ فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

باني دعوت اسلامي، حضرت علامه و مولانا محمد الياس عطار قادري

## امير اهل سُنت

جي سنتين ڀري اجتماع جو بيان

# عقلمند پيءُ

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**


**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## عقلمند پيءُ


دُرُود شريف جي فضيلت ........ 1
عقلمند پيءُ ........ 1
جهنم جي باھ جو خوف ........ 2
ميدانِ محشر جا 5 سُوالَ ........ 3
پوڙهائپ آسان نہ آهي ........ 5
هڪ پوڙِهيءَ جي حالتِ زار ........ 5
دنيا سَراسَر عبرت آهي ........ 7
قبر تي مِٽِي وِجهڻ جو مستحب طريقو ........ 8
دنياوي زندگيءَ جي حقيقت ........ 8
نوجوان ڊاڪٽر جو موت ........ 9
ڪاميابيءَ جو راز ........ 14
اهم مسئلو ........ 16
غير مسلمن جهڙي صورت نہ بڻايو ........ 17
شيطان جو ضِد ........ 17

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ط
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم ط

# عقلمند پيءُ[1]

**دعاءِ عطار** يارَبَّ المصطفيٰ جيڪو بہ هي رسالو ”عقلمند پيءُ“ مڪمل پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي دنيا جي غمن کان نجات ڏئي ۽ هن جهانن جون خوشيون نصيب فرماءِ ۽ ان جي ماءُ پيءُ سميت بي حساب مغفرت فرماءِ .اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

اللہ پاڪ جي آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: جنهن شوق ۽ محبت سان مون تي ڏينهن ۽ رات ۾ ٽي ٽي دفعا درود پاڪ پڙهيو اللہ تعاليٰ تي حق آهي تہ هُو ان شخص جا ان ڏينهن ۽ رات جا گناهہ بخشي ڇڏي. (معجم ڪبير ، 362/18،حديث: 928)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## عقلمند پيءُ

منقول آهي تہ: هڪ شخص جو ننڍڙو پُٽُ ساڻس گڏ سندس بستري

1 ... هي بيان شيخِ طريقت، امير اهلِ سنت، بانيءِ دعوتِ اسلامي حضرت علامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوري ضيائي دامت بَرَكَاتُهُمُ العاليه **10** صفر المظفر **1410** **ھ** بمطابق **12** سيپٽمبر **1989ء** تي خانيوال (پنجاب، پاڪستان) ۾ سنتن ڀريي اجتماع ۾ فرمايو هو، جنهن کي المدينة العلميہ جي شعبي ”بياناتِ امير اهلِ سنت“ مرتب ڪيو آهي.

تي سُمهندو هو، هڪ رات ٻار ڏاڍو بيچين ٿيو ۽ سمهي نہ سگهيو. پيءُ پُٽ کان پُڇيو: ڇا ڪٿي ڪو سُور يا تڪليف ٿي رهي آهي؟ ٻار جواب ڏنو: بابا سائين! سُور تہ ڪٿي بہ نہ ٿي رهيو آهي، پر اصل ۾ ڳالهہ هي آهي تہ سڀاڻي خميس آهي ۽ هر خميس تي اسان جا استاد صاحب پوري هفتي ۾ پڙهايل سبقن جو امتحان وٺندا آهن. مون کي هن هفتي جو سبق چڱي طرح ياد نہ آهي ۽ مون کي ڊپ آهي تہ جيڪڏهن مون سبق صحيح نہ ٻڌايو تہ استاد صاحب مون کان ناراض ٿي ويندا ۽ سزا بہ ڏيندا. معصوم ٻار جون معصوميت واريون ڳالهيون ٻڌي پيءُ جي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا ۽ هُو پنهنجو محاسبو ڪندي دل ئي دل ۾ پاڻ کي چوڻ لڳو: هِن ٻار کي صرف هڪ هفتي جي سبقن جو امتحان ڏيڻو آهي ۽ هِي ايترو خوفزده آهي جو کيس ننڊ نہ ٿي اچي، جڏهن تہ مون کي تہ قيامت جي ڏينهن اللّٰہ پاڪ جي بارگاهہ ۾ عمر ڀر جي ڪيل گناهن جو حساب ڏيڻو آهي. تنهنڪري مون کي هن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ خوفزده ٿيڻ گهرجي. ( درة الناصحين، ص255ملخصاً)

اي عاشقانِ رسول! هن دنيا ۾ اهڙا نيڪ مَرد بہ موجود آهن جن کي دنيا جي شيءِ ڏسي آخرت جي ياد اچي ويندي آهي ان سلسلي ۾ هڪ ٻيو واقعو پڙهو، جيئن تہ:

## جهنم جي باهہ جو خوف

خليفہءِ اعليٰ حضرت، فقيهِ اعظم مولانا ابو يوسف محمد شريف ڪوٽلوي رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه پنهنجي ڪتاب **اخلاق الصالحين** ۾ لکن ٿا: هڪ بزرگ رَحۡمَةُاللّٰہِعَلَيۡه تي خوفِ خدا ايترو تہ غالب رهندو هو جو جڏهن بہ ڏيئو ٻاريندا هئا تہ جهنم جي باهہ کي ياد ڪري روئي پوندا هئا.
(اخلاق الصالحين، ص67ماخوذاً)

بهرحال دنياوي امتحان ۾ ناڪاميءَ جي ڊپ کان ٻار کي بيچين ٿيندو ڏسي سندس والد جو پنهنجي آخرت جي امتحان کي ياد ڪري خوفِ خدا کان لرزي وڃڻ ڏاڍو عبرتناڪ آهي. هن واقعي جي هڪ هڪ لفظ بلڪ هڪ هڪ حرف ۾ عبرت جا ڪيترائي املهہ مُوتي سمايل آهن ۽ هي واقعو اسان سيني کي عبرت جي دعوت ڏئي رهيو آهي. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته عام طور تي اسان دنيا جي حساب ڪتاب کان ڊڄندا آهيون پر افسوس! آخرت جي حساب ڪتاب کان نه ڊڄندا آهيون، جڏهن ته دنيا جو حساب ڪتاب ڏاڍو آسان ۽ آخرت جو حساب ڪتاب ڏاڍو ڏکيو آهي. ياد رکو! حساب ڪتاب وٺڻ الله پاڪ جي چاهڻ تي موقوف آهي. اُهو جنهن کان چاهيندو حساب وٺندو ۽ جنهن کي چاهيندو بغير حساب ڪتاب جي جنت ۾ داخل فرمائيندو، پر حساب ڪتاب جو وٺڻ ڏاڍو سخت معاملو آهي.

## ميدانِ محشر جا 5 سُوالَ

سرورِ ذيشان، رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عبرت نشان آهي: قيامت جي ڏينهن ٻانهو ايستائين پنهنجو پير نه هٽائي سگهندو جيستائين هنن پنجن سوالن جا جواب نه ڏئي وٺي: **(1):** عمر ڪهڙن ڪمن گذاريئي؟ **(2):** جواني ڪيئن گذاريئي؟ **(3):** مال ڪيئن ڪمائي **(4):** ۽ ڪيئن خرچ ڪئي ؟ **(5):** پنهنجي علم تي ڪيترو عمل ڪئي؟ (ترمذی، 188/4، حدیث:2424 )

اسان مان جيڪي جَوان آهن تن کي غور ڪرڻ گهرجي ته هُو جواني ڪيئن گذاري رهيا آهن؟ جيڪڏهن قيامت جي ڏينهن ڪانئن پڇيو ويو ته جواني ڪيئن گذاري؟ ته اُهي ڪهڙو جواب ڏيندا؟ ۽ جن ماڻهن جي جواني گذري چڪي آهي انهن کي وڌيڪ غور ڪرڻ گهرجي ته انهن جواني ڪيئن گذاري آهي! جيڪڏهن سندن جواني الله پاڪ جي

رضا ۽ سندس پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت مطابق نہ گذري آهي تہ ان تي ڪين ڳوڙها ڳاڙي، اللّٰه پاڪ جي بارگاهہ ۾ روئي روئي توبهہ ڪرڻ گهرجي، ڇوتہ اجان تائين توبهہ جو دروازو کليل آهي. صبح جو پُليل شام جو گهر موٽي اچي تہ ڪيس ڀُليل نہ چئبو آهي.

اي عاشقانِ رسول! اجان اسان جي زبان ۾ طاقت آهي، عقل سلامت آهي ۽ مرڻ کان اڳ توبهہ ڪرڻ جو موقعو موجود آهي، تنهنڪري اسان کي فوراً توبهہ ڪرڻ گهرجي. جيڪي ماڻهو هن وقت جوانيءَ ۾ قدم رکي چڪا آهن ۽ عيش عشرت واري زندگي گذاري رهيا آهن انهن کي گهرجي تہ پنهنجي جواني تي رحم ڪن، نيڪ اعمال بجا آڻين ۽ ياد رکن تہ عنقريب سندن جواني ختم ٿيڻ واري آهي. ڪنهن شاعر ڪيڏو نہ خوب چيو آهي:

ڈھل جائے گی یہ جوانی جس پہ تجھ کو ناز ہے
تو بجالے چاہے جتنا چار دن کا ساز ہے

جيسيتائين جواني ختم ٿي وڃڻ جو تعلق آهي تہ اِها تمام ٿورن ماڻهن جي ختم ٿيندي آهي ڇو تہ ڪيترائي ماڻهو جواني ختم ٿيڻ کان اڳ ئي موت جي آغوش ۾ هليا ويندا آهن ۽ اونداهي قبر جي گهرائيءَ ۾ وڃي پهچندا آهن. توهان پنهنجي پاڙي تي نظر ڊوڙايو تہ توهان جي پاڙي ۾ ڪيترا پوڙها مرد ۽ ڪيتريون پوڙهيون عورتون موجود آهن؟ شايد توهان هن نتيجي تي پهچو تہ مثال طور جيڪڏهن توهان جي پاڙي ۾ هڪ هزار ماڻهن جي آبادي آهي تہ ان ۾ توهان کي ٻار ڪثرت سان ملندا، ٻارن کان ٿوري وڏي عمر وارا بہ ڪافي نظر ايندا، نوجوان بہ ڪافي ڏسڻ ۾ ايندا پر جن مردن کي ”پوڙهو“ يا جن عورتن کي ”پوڙهي“ چئي سگهجي ٿو انهن جو تعداد **15** يا **20** هوندو. هن مان معلوم ٿئي ٿو تہ صرف **2 سيڪڙو** ماڻهو ئي پوڙهائپ

تائين پهچي سگهندا آهن، بقايا **98** سيڪڙو ماڻهو جواني ختم ٿيڻ کان پهريان ئي قبرن ۾ هليا ويندا آهن. ياد رکو تہ پوڙهائپ تائين پهچڻ آسان نہ آهي ڇوتہ جوانيءَ کان پوڙهائپ تائين پهچڻ لاءِ ماڻهوءَ کي بيمارين، وڏن وڏن حادثن، مصيبتن وغيره جهڙن مشڪل ترين مرحلن مان جان بچائي نڪرڻو پوندو آهي.

## پوڙهائپ آسان نہ آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! پوڙهائپ جي زندگي پريشانين جو شڪار ٿي ويندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو جيڪو شخص پوڙهائپ جي منزل تائين پهچي ويندو آهي ان جي چهري تي مسڪراهٽ تمام گهٽ نظر ايندي آهي ۽ جڏهن بہ هُو ڪلندو آهي تہ سندس کِلَ ڦِڪي ڦِڪي لڳندي آهي جنهن جي پويان مايوسي لڪيل هوندي آهي. وڏيڪ هي تہ جڏهن عمر وڌڻ سان گڏوگڏ پوڙهائپ وڌندي آهي تہ پوءِ هُن جي لاءِ ڪا خوشي خوشي نہ رهندي آهي ۽ ڪو غم، غم نہ رهندو آهي، ايسيتائين جو هُو موت جي تمنا ڪرڻ لڳندو آهي. اِن جي متعلق هڪ عبرتناڪ واقعو پڙهو، جيئن تہ:

## هڪ پوڙِهيءَ جي حالتِ زار

هڪ ڀيري مان (يعني امير اهل سنت) ڪراچيءَ جي ڪنهن علائقي ۾ بيان ڪرڻ لاءِ ويس تہ هڪ اسلامي ڀاءُ مون کي ۽ مون سان گڏ ڪجهہ اسلامي ڀائرن کي مهمان نوازيءَ لاءِ پنهنجي گهر وٺي ويا. اتي ڪٽ تي هڪ تمام گهٽي ڪمزور "پوڙهي" عورت ويني هئي ڪيس پوڙهائپ ايترو تہ ڪمزور ڪري ڇڏيو هو جو ويچاري سُسِي ڪري ننيڙي ٿي وئي هئي. سندس پرسان گذرڻ وارو ڪو بہ شخص هن ڏانهن همدرديءَ سان ڏسندو بہ نہ هو. مون کي سندس حالت ڏسي ڏاڍو ترس آيو ۽ مان ٿورو ويهي سندس دل وِندرائڻ خاطر ڪائنس پڇيو:

امان وڏي! توهان ڪيئن آهيو؟ جنهن تي هُن اهڙو جواب ڏنو جيڪو ڪيترائي سال گذري وڃڻ ڪان پوءِ بہ اڄ ڏينهن تائين مون کي ياد آهي ۽ شايد مان مرڻ تائين اُن کي نہ وِساري سگهندس چوتہ ان ۾ منهنجي لاءِ عبرت جو سامان آهي. منهنجي پڇڻ تي ان پوڙهي عورت حسرت ڀري آواز سان چيو: مان ڏاڍي بيمار آهيان، توهان دعا ڪريو تہ اللّٰه پاڪ مون کي محمد صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي صدقي موت ڏئي ڇڏي. ان ٻڍڙيءَ جا لُڳ ڀڳ اِهي ئي الفاظ هئا جيڪي اڄ تائين منهنجن ڪنن ۾ گونجي رهيا آهن. (ياد رکو! رنج ۽ مصيبت ڪان گهٻرائي موت جي دعا ڪرڻ منع آهي. (فضائل دعاء، ص182)

افسوس! اُها پوڙهي عورت ڪڏهن پنهنجي نندپڻ کي ياد ڪري روئندي هوندي تہ نندپڻ ۾ هُوءَ ڪيئن نہ ڪيڏندي، ڊوڙندي، ڪلندي ۽ ڳالهائيندي هئي، ڪڏهن پنهنجي جوانيءَ کي ياد ڪري روئندي هوندي تہ ڪيڏي نہ ڌام ڌوم سان سندس شادي ٿي هئي، ڪيئن نہ والدين سندس مٿان صدقو ٿي رهيا هئا، ڪيئن نہ ڪيس خوشيون ملنديون هيون، ڪيئن نہ ٻار سندس خدمت ڪندا هئا ۽ ڪيڏي نہ شان ۽ شوڪت سان هُوءَ شادين ۾ ايندي ويندي هئي. افسوس! اهڙيون ڳالهيون سوچي سندس دل ٻڏِي ويندي هوندي ۽ هُوءَ دل ئي دل ۾ پاڻ کي چوندي هوندي: هاءِ افسوس! هاڻي مان ڪجهہ نہ ٿي ڪري سگهان، نہ ڪنهن جي شاديءَ ۾ وڃڻ جي قابل رهي آهيان ۽ نہ ئي ڪنهن جي فوتگي تي وڃڻ جي. بهرحال ان پوڙهيءَ لاءِ نہ ڪا خوشي، خوشي هئي ۽ نہ ئي ڪو غمر، غمر هو، بس هُوءَ موت جي تمنا ڪري رهي هئي.

اي عاشقانِ رسول! زندگي هڪ خواب يا راند روند جو نالو آهي جنهن جو عرصو ڏاڍو مختصر آهي. غور ڪريو! شايد ئي ڪو شخص اهڙو هوندو جنهن جي گهر مان جنازو نہ نڪتو هجي يا ان ڪنهن

مردي کي غسل نہ ڏنو هجي يا غسل ڏيڻ ۾ ڪنهن جي مدد نہ ڪئي هجي يا ڪنهن کي ڪفن نہ پارايو هجي يا ڪفن پارائڻ ۾ ڪنهن جو ساٿ نہ ڏنو هجي. جيڪڏهن ڪنهن هِي سڀ ڪم نہ بہ ڪيا آهن تہ گهٽ ۾ گهٽ ڪنهن مسلمان جي جنازي کي ڪلهو تہ ضرور ڏنو هوندائين يا هُو ڪنهن مسلمان جي جنازي ۾ ضرور شريڪ ٿيو هوندو يا جنازي سان گڏ قبرستان ويو هوندو يا ڪنهن جي ميت کي قبر ۾ لاهڻ وقت ماڻهن جي مدد ڪئي هوندائين. اهڙي طرح هزارين نہ پر لکين ماڻهو پنهنجي مختصر زندگي گذاري راهِ آخرت جا مسافر بڻجي چڪا آهن.

## دنيا سَراسَر عبرت آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ دنيا آهي ئي اُجڙڻ لاءِ، جيڪو پيدا ٿيو آهي ان کي مرڻو ئي مرڻو آهي، اِئين هن دنيا ۾ عبرت ئي عبرت آهي. جيڪڏهن غور ڪيو وڃي تہ انسان جي پيدائش کان پهريان ئي عبرت شروع ٿي ويندي آهي، اِهو هِن طرح جو جڏهن نطفو ماءُ جي رحم ۾ داخل ٿي ويندو آهي تہ رحم تي مقرر فرشتو اُن جاءِ تان مٽي کڻي ايندو آهي جنهن جاءِ تي ان نطفي مان پيدا ٿيڻ واري ٻار کي مرڻ کان پوءِ دفن ٿيڻو هوندو آهي ۽ پوءِ اُن ئي مٽيءَ مان ماءُ جي پيٽ ۾ پُتلو نهندو آهي. ( نوادر الاصول، 2/114-115،حديث:304ملتقطاً)

معلوم ٿيو تہ پيدا ٿيڻ کان اڳ ئي موت جو تعين ٿي چڪو آهي ۽ اسان مرڻ کان پوءِ جنهن مٽيءَ ۾ وڃڻ وارا آهيون سا اڳي ئي اسان جي بدن ۾ پهچي چڪي آهي ۽ ان مان ئي اسان جو جسم نهيل آهي. قبر تي مٽي وِجهڻ وقت پڙهي وڃڻ واري دعا جي ترجمي تي غور ڪريو! معلوم ٿي ويندو تہ اسان مٽيءَ مان نهيل آهيون. افسوس! ڪيترن ئي ماڻهن کي قبر تي مٽي وِجهڻ جي دعا تائين ياد نہ هوندي

آهي ۽ نہ ئي مٽي وِجهڻ جو طريقو ايندو آهي. اللہ پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ثوابِ آخرت ڪمائڻ جي نيت سان قبر تي مٽي وِجهڻ جو مستحب طريقو پيش خدمت آهي.

## قبر تي مِٽِي وِجهڻ جو مستحب طريقو

قبر تي مٽي وِجهڻ جو مستحب طريقو هي آهي تہ مٽي واري پاسي کان بنهي هٿن سان ٽي ڀيرا مٽي وِجهجي. پهريون دفعو مٽِي وِجهو تہ پڙهو مِنْهَا خَلَقْنَاكُمْ (اسان زمين مان ئي توهان کي پيدا ڪيو)، ٻيو ڀيرو مٽِي وِجهو تہ پڙهو وَفِيهَا نُعِيدُكُمْ ۽ انهيءَ ۾ ئي توهان کي ٻيهر موٽائينداسين. ۽ جڏهن ٽيون ڀيرو مٽي وجهو تہ پڙهو وَمِنْهَا نُخْرِجُكُمْ تَارَةً أُخْرَى (پارو: 16، سورة طٰهٰ: 55) ۽ انهيءَ مان توهان کي ٻيهر ڪڍنداسين پوءِ بقايا مٽي ڪوڏر يا بيلچي وغيره سان وِجهي ڇڏيو.
(الجوهرة النيرة ، ص141)

## دنياوي زندگيءَ جي حقيقت

اي عاشقانِ رسول! دنياوي زندگي راند رُوند کان سواءِ ڪجهہ بہ نہ آهي، جيئن اللہ پاڪ دنياوي زندگيءَ جي حقيقت بيان ڪندي ارشاد فرمائي ٿو:

وَ مَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَهْوٌ وَّ لَعِبٌ ؕ وَ اِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَهِيَ الْحَيَوَانُ ۘ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ ﴿۶۴﴾
(سيپارو: 21، سورة العنكبوت: 64)

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ هي دنيا جي زندگي تہ صرف راند روند آهي ۽ بيشڪ آخرت جو گهر ضرور اها ئي سچي زندگي آهي. ڪهڙو نہ چڱو هو جيڪڏهن اهي (هي) ڄاڻن ها.

هن مبارڪ آيت جي حوالي سان حضرت علامه مولانا نعيم الدين مراد آبادي رَحۡمَۃُاللهِعَلَيۡه ارشاد فرمائن ٿا: جيئن ٻارَ گهَڙي گن کيڏندا آهن، راند روند ۾ دل لڳائيندا آهن پوءِ اهو سڀ ڪجهه ڇڏي هليا ويندا آهن، اهڙو ئي حال دنيا جو آهي ته هيءَ نهايت جلد ختم ٿيڻ واري آهي ۽ موت هِن کان اهڙي طرح جدا ڪري ڇڏيندو آهي جيئن راند کيڏڻ وارا ٻار ميدان ڇڏي هليا ويندا آهن. (تفسير خزائن العرفان،پ21،العنکبوت،تحت الآية:64، ص747)

جڏهن ٻار راند روند ۾ مشغول هوندو آهي ته سندس وقت ايترو ته جلد گذري ويندو آهي جو کيس خبر ئي نه پوندي آهي، ساڳيو ئي حال دنياوي زندگيءَ جو آهي ته اُها به ڏاڍو جلد گذري ختم ٿي ويندي آهي ۽ ماڻهوءَ کي احساس به نه ٿيندو آهي. ڪيترائي ماڻهو پنهنجو مستقبل روشن ڪرڻ جي فڪر ۾ لڳل هوندا آهن ته اوچتو موت جو شڪار ٿي اونداهي قبر ۾ پهچي ويندا آهن. ياد رکو! اسان جو حقيقي مستقبل قبر سان وابسته آهي جنهن ۾ اسان کي هزارين سال رهڻو آهي، تنهنڪري ان جي تياري ڪرڻ گهرجي. اڄ اسان دنيا ۾ جنهن کي پنهنجو مستقبل سمجهي ويٺا آهيون سو اسان جو حقيقي مستقبل نه آهي ۽ ضروري نه آهي ته اهو اسان کي حاصل به ٿي وڃي. ان حوالي سان هڪ عبرتناڪ واقعو پيشِ خدمت آهي، جيئن ته:

## نوجوان ڈاڪٽر جو موت

پاڪستان جي مشهور شهر ڪراچيءَ سان تعلق رکندڙ هڪ شخص ڪرياني جو دڪان هلائي پنهنجو گذر بسر ڪندو هو. سندس خواهش هئي ته منهنجو پٽ ڪنهن طرح آمريڪا هليو وڃي، اتي پڙهي لکي ڊاڪٽريءَ جي ڊگري حاصل ڪري، پوءِ واپس پنهنجي ملڪ اچي ڪراچيءَ ۾ هڪ پرائيويٽ ڪلينڪ کولي، پنهنجو مستقبل خوب

روشن ڪري ۽ منهنجي لاءِ پيرِيءَ جو سهارو بہ بڻجي. پنهنجي اِن خواهش کي پورو ڪرڻ لاءِ آخرڪار اُن دڪاندار پنهنجو پيٽ ڪَٽي يا ماڻهن کان قرض وٺي ايتري رقم جمع ڪئي جيئن پنهنجي پٽ کي امريڪا موڪلي سگهي. تنهنڪري هُن پنهنجي گُلن جهڙي پٽ جو مستقبل روشن ڪرڻ لاءِ کيس آمريڪا موڪلي ڇڏيو. پٽ آمريڪا ۾ ڊاڪٽريءَ جي تعليم مڪمل ڪئي ۽ پوءِ ڪراچي اچي والد جي خواهش مطابق پنهنجي گهر جي ويجهو هڪ پرائيويٽ ڪلينڪ ڪوليائين. سندس پيءُ ڏاڍو خوش هو تہ هاڻي منهنجي پٽ جو مستقبل روشن ٿي ويو آهي ۽ مون کي پوڙهائپ جو سهارو ملي ويو آهي.

جيئن تہ اجان تائين ان ڊاڪٽر جي شادي نہ ٿي هئي تنهنڪري سندس پيءُ سوچيو تہ پهريان ڪجھ پئسو جمع ٿي وڃي تہ جئين منهنجي پٽ جو مستقبل خوب چڱيءَ طرح چمڪي پئي پوءِ سندس شادي ڪندس، آخر ايتري جلدي ئي ڪهڙي آهي؟ پنهنجي منصوبي کي پورو ٿيندو ڏسي پيءُ ڏاڍي خوشيءَ سان زندگيءَ جا ڏينهن گذارڻ لڳو پر قدرت کي ڪجھ ٻيو ئي منظور هو. ٿيو ڪجھ هن طرح جو ڪلينڪ کولڻ کان ٻہ يا ٽي مهينا پوءِ ان نوجوان ڊاڪٽر کي يرقان (سائي) ٿي پئي، هُن پنهنجي طور تي دوائون استعمال ڪيون پر ڪيس ڪو فائدو نہ ٿيو، پوءِ جڏهن وڏن ڊاڪٽرن سان رجوع ڪيائين تہ انهن کيس اسپتال ۾ داخل ڪري ڇڏيو. افسوس! ڪجھ ڏينهن بيماريءَ جي بستري تي گذارڻ کان پوءِ جيڪو نوجوان ٻہ يا ٽي مهينا اڳ آمريڪا مان ڊاڪٽر بڻجي آيو هو، ڀرپور جوانيءَ ۾ انتقال ڪري ويو. بعد ۾ سندس پيءُ کي هي چوندي ٻڌو ويو تہ هاءِ افسوس! مون پنهنجي پٽ جي تعليم تي جيڪي پيسا خرچ ڪيا هئا اجان اُهي وصول بہ نہ ٿيا هئا تہ منهنجو پٽ انتقال ڪري ويو.

ہوئے نامُوَر بے نشاں کیسے کیسے
زمیں کھا گئی نوجواں کیسے کیسے
جگہ جی لگانے کی دنیا نہیں ہے
یہ عبرت کی جا ہے تماشا نہیں ہے

اي عاشقانِ رسول! ڏٺو اوهان؟ نوجوان ڊاڪٽر، پوڙهائپ کي پهچڻ کان پهريان ئي، پنهنجي پرپور جوانيءَ ۾ موت جو شڪار ٿي ويو. ٿورو غور ڪريو! ڊاڪٽريءَ جي ڊگري ڪيس قبر ۾ ڪهڙي ڪم ايندي؟ اي ڪاش! سندس پيءُ جيڪڏهن ڪيس حافظِ قرآن بڻائي ها، ته نه صرف ان جي پنهنجي، پر سندس گهر وارن جي به آخرت سنورجي وڃي ها، ان سان گڏوگڏ ايترو سرمايو به خرچ نه ٿئي ها ۽ نه ئي هڪ پوڙهي پيءُ کي پنهنجي گلن جهڙي پٽ کي تعليم لاءِ ٻين جي حوالي ڪرڻو پوي ها. پر افسوس! ائين نه ٿي سگهيو.

هي واقعو اسان کي عبرت جي دعوت ڏئي رهيو آهي، پر اڪثر ڪري ماڻهو عبرت حاصل ڪرڻ بدران اهڙن واقعن کي هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪن کان ڪڍي ڇڏيندا آهن. اڄڪلهه صورتحال ڪجهه اهڙي آهي جو بي نمازين چڻ ته طئي ڪري ڇڏيو آهي ته ڇا به ٿي پئي، اسان کي نماز ناهي پڙهڻي. ڏاڙهي ڪُوڙائڻ وارن شايد قسم کڻي ڇڏيو آهي ته مولوي کڻي ڪيترو به زور لڳائن، اسان شيطان سان بيوفائي ڪري ڏاڙهي هرگز نه رکنداسين. فلمون ۽ ڊراما ڏسڻ وارن پنهنجي مٿان لازم ڪري ڇڏيو آهي ته ڪجهه به ٿي پئي ، اسان فلمون ۽ ڊراما ڏسڻ کان باز نه ايندا سين. بهرحال، زبانِ قال (يعني پنهنجي وات سان) ته ڪو به نه چوندو آهي، پر زبانِ حال (يعني عمل

سان) ڪيترائي ماڻهو اهو ئي چوندي نظر اچي رهيا هوندا آهن تہ اسان نہ سڌريا آهيون، نہ سڌرنداسين، قسم ڪٽي ڇڏيو آهي.

اڄڪلھ معاشري ۾ ڏاڙهي رکڻ معاذالله عيب شمار ٿيڻ لڳو آهي، جڏهن تہ جنهن سائي گنبذ جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ اسان تڙپندا آهيون، ان سبز گنبد جي مڪِين، جنابِ رحمةٌلِّلعالَمين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ چهري تي حَسِين ڏاڙهي مبارڪ سجيل هوندي هئي، مٿي مبارڪ تي نوراني عمامو شريف سجيل هوندو هو ۽ پيارا پيارا گيسو (يعني وارَ) جهومي جهومي سندن مبارڪ ڪنن کي چميون ڏيندا هئا. جيڪي ماڻهو ان ڪري ڏاڙهي ڪُوڙائيندا آهن تہ ڪٿي "ملا" نہ بڻجي وڃون، اهڙن کي غور ڪرڻ گهرجي تہ جنهن هستيءَ جو انهن ڪلمو پڙهيو آهي، انهن جي مبارڪ چهري تي ڏاڙهي شريف جڳمڳائيندي رهندي هئي.

اي بي نمازيو! اوهان بہ ٻڌو! اي ماهِ رمضان جا روزا بغير شرعي عذر جي قضا ڪرڻ وارؤ! اوهان بہ ٻڌو! اي جوا کيڏڻ وارؤ! توهان بہ ٻڌو! اي شراب نوشي ڪرڻ وارؤ! توهان بہ ٻڌو! اي هيروئن ۽ چرس پيئڻ وارؤ! اوهان بہ ٻڌو! اي ويڊيو گيمز کيڏڻ ۽ کيڏائڻ وارؤ! اوهان بہ ٻڌو! اي ويڊيو سينٽر هلائڻ وارؤ! اوهان بہ ٻڌو! ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارؤ! اوهان بہ ٻڌو! اي ڏاڙهي ڪُوڙائڻ ۽ هڪ مُٺِ کان گهٽائڻ وارؤ! توهان بہ ٻڌو! اي مسلمانن کي اجايو ايذائڻ وارؤ! اوهان بہ ٻڌو! پنهنجي اولاد جي سنت مطابق تربيت نہ ڪرڻ وارؤ! اوهان بہ ٻڌو! ضد ڇڏي ڏيو، سڌي رستي تي اچي وڃو ۽ ياد رکو! جيڪڏهن ائين ئي گناهن جو سلسلو جاري رهيو ۽ اوهان پنهنجي انهيءَ ضد تي قائم رهيا تہ اسان نمازون نہ پڙهنداسين، رمضان المبارڪ جا روزا نہ رکنداسين، فلمون ۽ ڊراما ڏسڻ کان باز نہ

ايندا سين، تہ الله پاڪ ۽ سندس پيارا حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ناراض ٿي سگهن ٿا ۽ معاذالله! ايمان بہ برباد ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ايئن ٿيو تہ جهنم جو عذاب ڀوڳڻو پوندو. عبرت خاطر جهنم ۾ ڪافرن کي ڏنو ويندڙ عذاب جي هڪ جهلڪ ملاحظہ فرمايو، جيئن تہ الله پاڪ قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يَوْمَ تُقَلَّبُ وُجُوْهُهُمْ فِي النَّارِ يَقُوْلُوْنَ يٰلَيْتَنَآ اَطَعْنَا اللّٰهَ وَ اَطَعْنَا الرَّسُوْلَا (٦٦) وَ قَالُوْا رَبَّنَآ اِنَّآ اَطَعْنَا سَادَتَنَا وَ كُبَرَآءَنَا فَاَضَلُّوْنَا السَّبِيْلَا (٦٧) رَبَّنَآ اٰتِهِمْ ضِعْفَيْنِ مِنَ الْعَذَابِ وَ الْعَنْهُمْ لَعْنًا كَبِيْرًا (٦٨)

(پارو: 22، سورة احزاب: 66-68)

ترجمو ڪنزالعرفان: جنهن ڏينهن انهن جا منهن باهہ ۾ باربار وڌا ويندا تہ چوندا هوندا: هاءِ! اي ڪاش! اسان الله جو حڪم مڃيو هجي ها ۽ رسول جو حڪم مڃيو هجي ها. ۽ چوندا: اي اسان جا رب! اسان پنهنجي سردارن ۽ پنهنجي وڏن جي چوڻ تي هلياسون سو انهن اسان کي واٽ کان ڀٽڪائي ڇڏيو. اي اسان جا رب! انهن کي ٻيڻو عذاب ڏي ۽ انهن تي وڏي لعنت ڪر.

خبر پئي تہ جيڪو پنهنجي ليڊرن يا پنهنجن وڏن جي ڪري سڌي رستي کي ڇڏي ڏيندو، اهو گنهگار ۽ عذابِ نار جو حقدار ٿيندو. هِن تي انهن ماڻهن کي بہ غور ڪرڻ گهرجي جيڪي ڏاڙهي رکڻ لاءِ تيار تہ ٿي ويندا آهن پر چوندا آهن تہ پهريان اسان پنهنجي والد صاحب کان ڏاڙهي رکڻ جي اجازت وٺنداسين، جيڪڏهن انهن اجازت ڏني تہ ڏاڙهي رکنداسين، نہ تہ نہ رکنداسين. ياد رکو! الله پاڪ ۽ سندس رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو حڪم، مخلوق جي حڪم تي مقدم آهي. اسان کي شريعت جا احڪام مڃڻ گهرجن، ٻي صورت ۾ سواءِ پڇتائڻ جي ڪجهہ هٿ نہ ايندو.

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان بيان جي شروعات ۾ ملاحظ فرمايو تہ هڪ ڀار ان خوف ڪان روئي رهيو هو تہ ڪيس استاد ڪي سبق ٻڌائڻو هو ۽ پوءِ سندس والد بہ روئي پيو هو تہ منهنجي ٻار کي پنهنجي سبق جو ايترو احساس آهي، پر مون کي ان ڳالھ جو ڪو احساس نہ آهي تہ مون کي آخرت ۾ ايڏو وڏو حساب ڪتاب ڏيڻو آهي. ياد رکو! دنيا دارالامتحان آهي، آخرت ۾ ڪامياب يا ناڪام ٿيڻ لاءِ دنيا ۾ جهڙي تياري ڪنداسين، آخرت ۾ اهڙا ئي نتيجا حاصل ڪنداسين.

## ڪاميابيءَ جو راز

الله پاڪ اسان کي آخرت جي ڪاميابيءَ جو راز ٻڌائيندي ارشاد فرمائي ٿو:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَ قُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا ﴿۷۰﴾ يُّصْلِحْ لَكُمْ اَعْمَالَكُمْ وَ يَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ؕ وَ مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَ رَسُوْلَهٗ فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيْمًا ﴿۷۱﴾ (پارو: 22، سورة احزاب: 70-71)

ترجمو ڪنزالعرفان: اي ايمان وارؤ! الله کان ڊڄو ۽ سڌي ڳالھ ڪندا ڪريو. الله توهان جا عمل توهان جي لاءِ سنواري ڇڏيندو ۽ توهان جا گناهہ بخشي ڇڏيندو ۽ جيڪو الله ۽ ان جي رسول جي فرمانبرداري ڪري ان وڏي ڪاميابي ماڻي.

هنن مبارڪ آيتن مان خبر پئي تہ آخرت جي امتحان ۾ ڪامياب ٿيڻ جو اِهو ئي طريقو آهي تہ الله پاڪ ۽ سندس پياري رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ فرمانبرداري پنهنجي مٿان لازم ڪري ڇڏجي، جو تہ احڪامِ الٰهي تي عمل ۽ اتباعِ سنت کان بغير نجات حاصل ڪرڻ تمام گهڻو مشڪل آهي.

اَلحَمْدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اسان کي اِهو ئي سبق ڏنو ويندو آهي ته اسان پنهنجي آخرت جي تياري ڪريون، هن مختصر زندگيءَ ۾ الله پاڪ کي نه وِساريون ۽ سندس پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن تي عمل ڪرڻ نه ڇڏيون.

الله پاڪ بي نياز ۽ بي پرواهه آهي. جيڪڏهن سڀئي دنيا به نماز نه پڙهي ته يقيناً ڪيس ڪو نقصان نه پهچندو ۽ جيڪڏهن سموري مخلوق سندس سامهون سجدي ۾ ڪري پوي تڏهن به سندس عظمت ڪي وڌائي نه ٿي سگهي. ها! نماز پڙهڻ ۾ اسان جو پنهنجو ئي فائدو آهي. جيڪڏهن اسان نماز پڙهنداسين ته پاڻ کي آخرت جي نقصان کان بچائي وٺنداسين ۽ جيڪڏهن نه پڙهنداسين ته اسان جي لاءِ دردناڪ عذاب جون وعيدون موجود آهن ۽ اسان جهنم جا حقدار ٿينداسين، جيئن قرآن پاڪ ۾ آهي:

فِيْ جَنّٰتٍ ۛؕ يَتَسَآءَلُوْنَ ﴿۴۰﴾ عَنِ الْمُجْرِمِيْنَ ﴿۴۱﴾ مَا سَلَكَكُمْ فِيْ سَقَرَ ﴿۴۲﴾ قَالُوْا لَمْ نَكُ مِنَ الْمُصَلِّيْنَ ﴿۴۳﴾ وَ لَمْ نَكُ نُطْعِمُ الْمِسْكِيْنَ ﴿۴۴﴾ وَ كُنَّا نَخُوْضُ مَعَ الْخَآئِضِيْنَ ﴿۴۵﴾ وَ كُنَّا نُكَذِّبُ بِيَوْمِ الدِّيْنِ ﴿۴۶﴾ حَتّٰۤى اَتٰىنَا الْيَقِيْنُ ﴿۴۷﴾ (پارو: 29، سورة مدثر: 40-47 )

ترجموڪنزالعرفان: باغن ۾ هوندا اهي پڇي رهيا هوندا. مجرمن کان. ڪهڙي شيء توهان کي دوزخ ۾ وٺي وئي؟ اهي چوندا: اسان نمازين مان نه هئاسين. ۽ مسڪين کي کاڌو نه کارائيندا هئاسين. ۽ بيهوده فڪر وارن سان گڏ بيهوده ڳالهيون سوچيندا هئاسين. ۽ اسان انصاف جي ڏينهن کي ڪوڙو چوندا رهياسين. ايستائين جو اسان کي موت آيو.

اي عاشقانِ رسول! توهان نماز نہ پڙهڻ متعلق قرآن پاڪ جي مبارڪ آيتن جو مطالعو ڪريو تہ معلوم ٿيندو تہ انسان جيڪو ڪمزور ۽ ناتوان آهي، معمولي گرمي سردي بہ برداشت نہ ڪري سگهندو آهي، تيز هوا جي جُهوٽَن لڳڻ سان ڪنبي ويندو آهي، آنڌاري جو آواز ڪيس خوفزده ڪري ڇڏيندو آهي، معمولي نزلو ۽ زڪام سهڻ جي جنهن ۾ طاقت نہ آهي، بخار جنهن کي بستري پيڙو ڪري ڇڏيندو آهي. جڏهن انسان ايترو ڪمزور آهي تہ ڪيس گهرجي تہ آخرت جي عذابن کان ڊڄي فوراً توبهہ ڪري ۽ نيڪين ڀَري زندگي گذارڻ شروع ڪري، الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ عرض ڪري تہ اي الله! مان تنهنجي ناراضگي نہ پر رضا ۽ خوشنودي چاهيان ٿو، تنهنجو عذاب سهڻ جي مون ۾ طاقت نہ آهي، تنهنجي هِن حڪم:

وَأَقِيمُوا الصَّلَاةَ

ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ نماز قائم ڪيو. تي اڄ کان ئي عمل ڪرڻ جو عهد ڪريان ٿو ۽ نيت ڪريان ٿو تہ اڄ کان پوءِ اِن شاءَ الله منهنجي ڪا بہ نماز قضا نہ ٿيندي.

## اهم مسئلو

هي مسئلو ياد رکو تہ آئنده نماز قضا نہ ڪرڻ جي نيت سان گذريل قضا نمازون معاف نہ ٿينديون، پر انهن کي بہ ادا ڪرڻو پوندو ۽ توبهہ بہ ڪرڻي پوندي تہ يا الله! مون کان نمازون قضا ٿيڻ جو جيڪو گناهہ ٿيو آهي، تون ان کي معاف فرماءِ. الله پاڪ جي رحمت مان اميد آهي تہ هُو ان گناهہ کي معاف فرمائي ڇڏيندو.

ياد رکو! نماز جو تمام گهڻو تاڪيد ڪيو ويو آهي، ايسيتائين فرمايو ويو آهي تہ "جيڪڏهن ڪو شخص پاڻيءَ ۾ ٻڏي رهيو هجي

۽ ان وقت بہ جيڪڏھن بغير عملِ ڪثير جي اشاري سان نماز پڙھي سگھي ٿو (مثلاً تارُو آھي يا ڪنھن ڪاني وغيره جو سھارو ھجي) تہ ان تي نماز پڙھڻ فرض آھي، نہ تہ معذور آھي. بچي وڃي تہ قضا پڙھي“. ( بہارِ شريعت،725/1،حصہ:4)

## غير مسلمن جھڙي صورت نہ بڻايو

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نمازون قضا ڪرڻ سان گڏوگڏ ڏاڙھي ڪُوڙائڻ جو گناھ بہ اسان جي معاشري ۾ عام ٿي چڪو آھي، جڏھن تہ پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ چھري تي ڏاڙھي شريف سجيل ھوندي ھئي ۽ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسلمانن کي ڏاڙھي شريف رکڻ جو حڪم بہ ارشاد فرمايو آھي، جيئن حديث پاڪ ۾ آھي تہ: اللہ پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”ڏاڙھي وڌايو ۽ يھودين جھڙي شڪل نہ ٺاھيو“. ( مسلم، ص125، حديث: 603)

ڏاڙھي ڪُوڙائڻ ۽ ھڪ مُٺِ کان گھٽائڻ ٻئي حرام ۽ جھنم ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آھن. (فتاویٰ رضویہ،505/6) تنھنڪري ڏاڙھي ڪُوڙائڻ ۽ ھڪ مُٺِ کان گھٽائڻ کان توبھ ڪريو ۽ جيڪڏھن خدانخواستہ ڪنھن ڏاڙھي ڪُوڙائڻ يا ھڪ مُٺِ کان گھٽائڻ جو ضد ڪري رکيو ھجي تہ پنھنجي ان ”ضد“ کي شيطاني ڪم سمجھي ڇڏي ڏئي، ڇوتہ گناھ تي اَڙِيو رھڻ شيطاني صفت آھي. جيئن:

## شيطان جو ضِد

حضرت موسيٰ ڪليم اللہ عَلَيْهِ السَّلَام ھڪ ڏينھن ڪوھِ طور ڏانھن وڃي رھيا ھئا تہ رستي ۾ ڪين شيطان مردود مليو ۽ روئندي چيائين: مان توبھ ڪرڻ چاھيان ٿو، توھان اللہ پاڪ کان پڇو تہ منھنجي توبھ جو طريقو ڪھڙو آھي؟ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام اللہ پاڪ جي بارگاھ ۾ پيش ٿيا ۽ شيطان جي توبھ جو طريقو پڇيائون تہ اللہ پاڪ ارشاد

فرمايو: اُن کي چئو تہ جيڪڏهن هُو حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي قبر کي سجدو ڪري تہ مان سندس توبهہ قبول ڪندس، حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام شيطان کي چيو: مان تنهنجي توبهہ جو طريقو پڇي آيو آهيان، بس تون حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي قبر کي سجدو ڪري ڇڏ، تنهنجي توبهہ قبول ڪئي ويندي. اِهو ٻڌي شيطان ننول ڪندي ڪليو ۽ چيائين: اي موسيٰ! مان تہ ان وقت بہ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي سامهون نہ جهڪيو هئس جڏهن هو پاڻ نفس بہَ نفيس منهنجي سامهون موجود هئا، تہ هاڻي مان سندن قبر جي سامهون ڪيئن ٿو جهڪي سگهان؟ (تنبيہ الغافلين، ص110 ماخوذاً)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو تہ برائيءَ تي اَڙيو رهڻ شيطاني ڪم آهي ۽ شيطان جو انجام بہ اوهان جي سامهون آهي تہ سندس ڳلي ۾ لعنت جو طوق وڌو ويو آهي. اسان مسلمان آهيون ۽ مسلمان جو ڪم برائيءَ تي قائم رهڻ نہ، پر ان کان پري رهڻ آهي. الحمد لله! سيني مسلمانن کي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري حسين صورت پسند آهي:

ان کے جلووں میں ہیں وہ دِلچسپیاں
جو یہاں پہنچا یہیں کا ہو گیا

تمام اسلامي ڀائر نيت ڪريو تہ اڄ کان پوءِ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان محبت جي نشاني (يعني ڏاڙهي شريف) اسان جي چهري تان ڪڏهن بہ نہ ڪٽبي ۽ اڄ کان ئي اسان جو چهرو پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت سان جڳمڳائڻ شروع ڪري ڇڏينداسين. اِن شاءَ الله.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ايندڙ هفتي جو رسالو




فیضان مدینہ محلہ سوداگران، پرانی سبزی منڈی کراچی
UAN +92 21 111 25 26 92 0313-1139278
www.maktabatulmadinah.com / www.dawateislami.net
feedback@maktabatulmadinah.com / ilmia@dawateislami.net